SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ ايڪٽ نمبر XII مجريہ 1972

# SINDH ACT NO.XII OF 1972

# سنڌ ڪرمنل لا (اميندمينٽ) (ويليڊيشن آف ٽرانسفر آف ڪيسز) ايڪٽ، 1972

# THE SINDH LAW (AMENDMENT) (VALIDATION OF TRANSFER OF CASES) ACT, 1972

## (CONTENTS) فهرست

تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short Title and commencement

2. 1963 جي اولهہ پاڪستان ايڪٽ VII

West Pakistan Act VII of 1963

3. 1972 جي سنڌ آرڊيننس X جي منسوخي

Repeal of Sindh Ordinance X of 1972

# سنڌ ايڪٽ نمبر XII مجريه 1972

# SINDH ACT NO.XII OF 1972

# سنڌ ڪرمنل لا (اميندمينٽ) (ويليڊيشن آف ٽرانسفر آف ڪيسز) ايڪٽ، 1972

# THE SINDH LAW (AMENDMENT) (VALIDATION OF TRANSFER OF CASES) ACT, 1972

[18 جولاءِ 1972]

ويسٽ پاڪستان ڪرمنل لا (اميندمينٽ) ايڪٽ، 1963 تحت ڪيسن جي منتقلي جي توثيق جو ايڪٽ

تمهيد (Preamble)

جيئن ته ويسٽ پاڪستان ڪرمنل لا (اميندمينٽ) ايڪٽ، 1963 تحت ڪيسن جي منتقلي جي توثيق ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي.

جنهن ڪري هن ريت جوڙيو پيو وڃي.

مختصر عنوان ۽ شروعات

Short Title and

1. (1) هن ايڪٽ کي سنڌ ڪرمنل لا (اميندمينٽ) (ويليڊيشن آف ٽرانسفر آف ڪيسز) ايڪٽ، 1972 سڏيو ويندو.

| | |
|---|---|
| (2) اهو سمجهيو ويندو تہ هي ايڪٽ 13 فيبروري 1973 کان لاڳو آهي. | commencement |
| 2. ويسٽ پاڪستان ڪرمنل لا (امينڊمينٽ) ايڪٽ، 1963، هيٺ ٽربيونلس ڏانهن رجوع ڪيل مقدما جن بابت ٽربيونلس ڊسٽرڪٽ مئجسٽريٽ ڏانهن پنهنجا پچاڻيءَ وارا رايا نہ موڪليا آهن ۽ جيڪي واسطيدار ڏوهن جي ڪيسن ٻڌڻ وارين ڪورٽن ڏانهن منتقل ڪيا ويا آهن، تہ جيئن انهن جي جاچ ڪئي وڃي يا ڪيس هلايا وڃن، ڳالهہ ڪيئن بہ هجي، انهن ڪيسن سان لاڳو ٿيندڙ قانون جي گنجائشن (Provisions) جي روشني ۾ سمجهيو ويندو تہ انهن منتقل ڪيسن جي 13 فيبروري 1971 کان وٺي توثيق ٿي چڪي آهي ۽ ڪا بہ جاچ پڙتال يا ڪيس جي ڪارروائي جيڪا ان تي ٿي آهي، ڪو ڏنڊ مڙهيو ويو آهي، ڪا شئي ضبط ڪئي وئي آهي، ڪا سزا ڏني وئي آهي، ڪو حق بحال ڪيو ويو آهي، يا ڪا ذميواري مڙهي وئي آهي، تنهن کي درست ڄاتو ويندو، صورتحال جيئن بہ هجي. | 1963 جي اولهہ پاڪستان ايڪٽ VII<br>West Pakistan Act VII of 1963 |
| 3. سنڌ ڪرمنل لا (امينڊمينٽ) (ويليڊيشن آف ٽرانسفر آف ڪيسز) آرڊيننس، 1972 منسوخ ڪيو وڃي ٿو. | 1972 جي سنڌ آرڊيننس X جي منسوخي<br>Repeal of Sindh Ordinance X of 1972 |

**نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي، جنهن کي ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**